SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1997

SINDH ACT NO.I OF 1997

سنڌ ٽرانسفيوزن آف سيف بلڊ ايڪٽ، 1997

THE SINDH TRANSFUSION OF SAFE BLOOD ACT, 1997

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. صاف رت بدلائڻ
Transfusion of safe blood

4. بلڊ بئنڪن جي رجسٽريشن
Registration of blood banks

5. اٿارٽي جو قيام
Establishment of Authority

6. اٿارٽي جو ڪم
Function of the Authority

7. بلڊ بئنڪن جون ذميداريون

Responsibilities of blood banks

8. صوبائي بلڊ ٽرانسفيوزن ڪميٽي

Provincial Blood Transfusion Committee

9. ڀڃڪڙي تي ڏنڊ

Penalty on Contravention

10. ڀڃڪڙي تي دائره اختيار

Cognizance of the Contravention

11. قاعدا

Rules

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1997

SINDH ACT NO.I OF 1997

سنڌ ٽرانسفيوزن آف سيف بلڊ ايڪٽ، 1997

THE SINDH TRANSFUSION OF SAFE BLOOD ACT, 1997

[25 جولاءِ 1997]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي صاف رت ۽ رت مان جڙندڙ شين جي منتقلي کي منظم ڪيو ويندو.

جيئن تہ صاف ۽ صحتمند رت ۽ رت جي شين کي وائرس ۽ غير موثر جزن کان پاڪ ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن کي منظم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ سنڌ ٽرانسفيوزن آف سيف بلڊ ايڪٽ، 1997 سڏيو ويندو.

(2) ان جي سڄي صوبي سنڌ تائين توثيق هوندي.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "اٿارٽي" مطلب دفعہ 5 تحت قائم ڪيل صوبائي بلڊ ٽرانسفيوزن اٿارٽي؛

(b) "بلڊ بئنڪ" جنهن ۾ شامل آهن سموريون تنظيمون

جيڪي رت حاصل ڪرڻ، محفوظ ڪرڻ، جمع ڪرڻ، تجزيو ڪرڻ، صفائي، پروسيسنگ ۽ رت جاري ڪرڻ جي ڪنهن هڪ يا سمورن مقصدن لاءِ استعمال ٿيندڙ هجن ۽ پوءِ اهي حڪومت يا پرائيويٽ سيڪٽر طرفان سنڀاليون ويندڙ هجن؛

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ جي قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(e) "صاف رت" مطب انساني رت جيڪو صحت مند ۽ هيومن اميونوڊفيشنسي (ايچ آءِ وي)، هيپاٽائيٽس بي ۽ سي وائرسز يا انفيڪٽو ايجنٽس کان پاڪ هجي، جهڙوڪ مليريل پيراسائيٽس ۽ ٽريپي نينا پاليڊم (syphilis) يا اهڙا ٻيا وائرسز يا انفيڪٽو ايجنٽس جيئن حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي بيان ڪري.

صاف رت جي ٽرانسفيوزن
Transfusion of safe blood

3. هر فزيشن، سرجن، ميڊيڪل پريڪٽيشنر يا ٻيو ڪو تعليم يافتہ شخص جيڪو ڪنهن شخص کي رت يا رت جي ڪا شئي منتقل ڪري رهيو هجي، اهڙي منتقلي کان اڳ بيان ڪيل طريقي موجب اها پڪ ڪرائيندو تہ منتقل ٿيندڙ رت يا جيئن معاملو هجي رت صحتمند آهي ۽ ڪنهن بہ وائرس يا دفعہ 2 جي شق (e) ۾ بيان ڪيل انفيڪشن کان پاڪ آهي.

بلڊ بئنڪن جي رجسٽريشن
Registration of blood banks

4. (1) ڪا بہ بلڊ بئنڪ تيستائين رت حاصل نہ ڪندي يا فراهم نہ ڪندي جيستائين اها اٿارٽي کان رجسٽرڊ ٿيل نہ آهي ۽ ان کي اٿارٽي طرفان ڄاڻايل طريقيڪار موجب اهڙي فيس جي ادائگي تي لائسنس جاري نہ ڪيو وڃي.

(2) ڪا بہ بلڊ بئنڪ رجسٽرڊ نہ ڪئي ويندي جيستائين اها رجسٽريشن جي ڄاڻايل شرطن تي پوري نہ لهي.

اٿارٽي جو قيام
Establishment of Authority

5. (1) هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ جيترو جلد ٿي سگهي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي اٿارٽي قائم ڪندي جيڪا صوبائي بلڊ ٽرانسفيوزن اٿارٽي طور ڄاتي ويندي، جيڪا مشتمل هوندي:

(i) ڊائريڪٽر جنرل، هيلٿ سروسز، حڪومت سنڌ (چيئرمين)

(ii) ايڊيشنل سيڪريٽري (ٽيڪنيڪل) هيلٿ ڊپارٽمينٽ (ميمبر)

(iii) بلڊ ٽرانسفيوزن سروسز لاءِ پراونشل پروگرام مئنيجر (ميمبر/سيڪريٽري)

(iv) ڊائريڪٽر، بلڊ ٽرانسفيوزن سروسز، جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر، ڪراچي (ميمبر)

(v) ڊائريڪٽر، بلڊ ٽرانسفيوزن سروسز، آغا خان يونيورسٽي هاسپيٽل، ڪراچي (ميمبر)

(vi) چيئرمين، پاڪستان ايسوسيئيشن آف بلڊ بئنڪ (سنڌ) (ميمبر)

(vii) فاطمد فائونڊيشن جو هڪ نمائندو (ميمبر)

(viii) حسيني بلڊ بئنڪ جو هڪ نمائندو (ميمبر)

(2) ايڪس آفيشو ميمبرز کانسواءِ ٻيا ميمبر جيستائين حڪومت ٻي صورت ۾ هدايت نہ ڪري، ٻن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا.

(3) اهڙا ميمبر هٿ سان درخواست لکي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ حڪومت ڏانهن اماڻي سگهن ٿا.

اٿارٽي جو ڪم
Function of the Authority

6. اٿارٽي جا هيٺيان ڪم هوندا:

(a) جديد تحقيق تي مبني اهڙي هڪ جهڙي پاليسي جوڙڻ/اپنائڻ جيڪا صاف رت جي منتقلي جا سموريون گهربل تقاضائون مڪمل ڪري سگهي؛

(b) بلڊ بئنڪن کي ڄاڻايل طريقيڪار موجب رجسٽر ڪرڻ ۽ لائسنس جاري ڪرڻ؛

(c) رت ۽ رت جي شين جون سروس چارجز طئي ڪرڻ؛

(d) اها پڪ ڪرڻ تہ بلڊ بئنڪن طرفان بيان ڪيل سمورا بايو سيفٽي اپاءَ ورتا ويا آهن ۽ ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن طرفان جاري ڪيل سمورين هدايتن تي سختيءَ سان عمل ڪيو ويو آهي؛

(e) اها پڪ ڪرڻ تہ بلڊ بئنڪون تعليمي يافتہ ماهرن، جيڪي بلڊ ٽرانسفيوزن، هيماٽولاجي يا ڪلينيڪل پيٿالاجي ۾ پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل طرفان توثيق ٿيل پوسٽ گريجوئيٽ هجن، انهن طرفان سنڀاليون ۽ هلايون پيون وڃن؛

(f) بلڊ بئنڪن جي ڪم جي جائزو وٺڻ ۽ وقت بوقت معائنو ڪرائڻ؛

(g) مٿي ڄاڻايل معاملن سان لاڳاپيل ڪي ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ.

بلڊ بئنڪن جون ذميداريون
Responsibilities of blood banks

7. هر بلڊ بئنڪ:

(a) رت جي عطين، چونڊ، ڏيان سان رکڻ ۽ عطيو ڏيندڙن جي حفاظت جي مقصد لاءِ ڏار ڊپارٽمينٽ، اسٽاف ۽ اوزار هوندا؛

(b) اٿارٽي طرفان جاري ڪيل هدايتن موجب رت جو عطيو ڏيندڙ چونڊيندي؛

(c) عطيو ڪيل رت ۽ رت جون شيون ڪنهن وچڙندڙ بيماري کان بچاءَ لاءِ ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن طرفان جاري ڪيل هدايتن موجب اسڪرين، جاچ پڙتال ۽ چڪاس ڪرڻ؛

(d) هوموگلوبن اسٽيميشن، بلڊ گروپنگ، ڪراس ميچنگ، اينٽي باڊيز ڊٽيڪشن ۽ انفيڪٽو ايجنٽس جي اسڪريننگ جا اوزار رکندي، جهڙوڪ هيومن اميونوڊفيشنسي، هيپاٽائيٽس وائرسز، مليريا ۽ سائفيليز؛

(e) رت ۽ رت جي شين جي جوڳي ريفريجريشن جو انتظام رکڻ ۽ ريفريجريشن لاءِ بجليءَ جي لاڳاتار فراهمي جو انتظام ڪرڻ؛

(f) اٿارٽي طرفان منظور ڪيل معياري آپريشن پروسيجرس جو مشاهدو ڪرڻ ۽ وڌيڪ خاص طور تي جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(g) عادي رت ڏيندڙ کان رت وٺڻ کان منع ڪرڻ؛

(h) وقت بوقت اينٽي باڊيز ۽ انفيڪٽو ايجنٽس جي اسڪريننگ جي سلسلي ۾ رپورٽون جمع ڪرائڻ.

صوبائي بلڊ ٽرانسفيوزن ڪميٽي
Provincial Blood Transfusion Committee

8. حڪومت، صاف رت جي دستيابي ۽ رضاڪارانا رت جي عطين لاءِ حوصلا افزائي بابت سڃاڻي پيدا ڪرڻ جي مقصد لاءِ سخي ماڻهن، سوشل ورڪرس ۽ اهڙن ٻين ماڻهن تي مشتمل صوبائي بلڊ ٽرانسفيوزن ڪميٽي جوڙي سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

پيڪڙي تي ڏنڊ
Penalty on Contravention

9. هن ايڪٽ جي گنجائشن جي پيڪڙي ڪندڙ قيد جي سزا جو اهل هوندو، جيڪا ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنج سئو هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي

گڏ.

پيچڪڙي تي دائره اختيار

Cognizance of the Contravention

10. ڪنهن بہ عدالت کي هن ايڪٽ جي پيچڪڙي ڪرڻ تي دائره اختيار نہ هوندو سواءِ ان جي تہ اٿارٿي جي چيئرمين يا ان طرفان بااختيار بڻايل شخص طرفان لکت ۾ درخواست ڪئي وڃي.

قاعدا

Rules

11. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.